FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION

COMPETITIVE EXAMINATION FOR RECRUITMENT TO POSTS IN BPS-17, UNDER THE FEDERAL GOVERNMENT, 2006

SINDHI

Time Allowed: Three Hours — Maximum Marks: 100

نوٽ: ڪي به پنج سوال حل ڪريو. سوال نمبر اٺون لازمي آهي. سڀني سوالن جون مارڪون برابر آهن.

۱. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ماهرن ڪهڙا ڪهڙا نظريا پيش ڪيا آهن، اوهان جي خيال ۾ انهن مان ڪهڙو نظريو وڌيڪ مستند آهي؟ ڀرپور جواب ڏيو.

۲. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافيءَ جي صنف ڪڏهين وجود ۾ آئي؟ ڪافيءَ جا ڪهڙا مشهور شاعر ٿي گذريا آهن؟

۳. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا رسالا ڪهڙن ڪهڙن عالمن تاليف ڪيا آهن؟ انهن مان ڪهڙو رسالو وڌيڪ مستند آهي؟ دليلن سان ثابت ڪريو.

۴. «امر جليل جي افسانن مان جيڪڏهن مڪالمن ڪي ڪڍي ڇڏجي ته جيڪر اهي بي جان ٿي وڃن».
مٿين راءِ تي مثالن سان تبصرو ڪريو.

۵. استاد بخاري پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪهڙن موضوعن کي جڳهه ڏني آهي؟ ڇا کيس عوامي شاعر ڪوٺي سگهجي ٿو؟ سندس شعرن مان مثال ڏيئي وضاحت ڪريو.

۶. اهي ڏينهن اهي شينهن سنڌ جي ادب، تاريخ، تمدن، ثقافت، صحافت، سياست ۽ تهذيب جو هڪ دستاويز آهي. مٿين راءِ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريو.

۷. (الف) هيٺ ڏنل فقري جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو:

سنڌ ۾ مسلمانن جي پهرين مذهبي سياسي جماعت «سنڌ محمدن ايسوسيئيشن» جنهن جو بنياد خانبهادر حسن علي آفنديءَ رکيو. هندستان ۾ ان جماعت جو بنياد سيد امير عليءَ رکيو. ان وقت ۾ حسن علي آفنديءَ جو ڪلڪتي وڃڻ ٿيو. جنهن کان پوءِ ۱۸۸۴ ۾ سنڌ محمد ايسوسيئشن جي ڪراچيءَ ۾ شاخ قائم ٿي. حسن علي آفندي سنڌ ۾ مقبول شخصيت هئي. پاڻ سنڌ ۾ پهريون مسلمان وڪيل هو. هو تمام گهڻو رکڻو ملڻو ۽ خوش مزاج انسان هو. پنهنجي اعليٰ خلصتن جي ڪري ماڻهن جون دليون ڏانهن ڇڪجي وينديون هيون.

(ب) Translate into easy idiomatics Sindhi.

Anklets or "Karyu" seen in the sculptures were common ornaments worn in the past. At present such leg ornaments are seen only in the rural areas. In some cases the weight of silver anklets exceeds one kilo each, but normally these are of hollow tube, made and bent in the circular shape. Some anklets seen in bas-reliefs appear to consist of a large ring fringed with ovoidal pendants which are perhaps jingling anklets.

لازمي سوال

۰۸ (الف) هيٺ ڏنل صحيح يا غلط جواب آهن، چونڊ ڪريو.

۰۱ علي احمد بروهي مزاح نگار هو. (صحيح يا غلط)

۰۲ گل ڦل مضمونن جو مجموعو آهي. (صحيح يا غلط)

۰۳ قصيدو نثري صنف آهي. (صحيح يا غلط)

۰۴ «شڪليون» شاعري جو مجموعو آهي. (صحيح يا غلط)

۰۵ «اوڙاهه» تاريخي ناول آهي. (صحيح يا غلط)

۰۶ قاضي قاضن ڪلهوڙن جي دور جو شاعر هو. (صحيح يا غلط)

۰۷ بدنصيب ٽري اسماعيل عرساڻي جو تحرير ناول ڪهل آهي. (صحيح يا غلط)

۰۸ ڪتاب ابيات سنڌي ۾ مخدوم هاشم جو ڪلام ڏنل آهي. (صحيح يا غلط)

۰۹ بلو دادا جمال ابڙي جي افسانن جو مجموعو آهي. (صحيح يا غلط)

۱۰ قطعو ٻن سٽن مصرن تي ٻڌل هوندو آهي. (صحيح يا غلط)

(ب) ڏنگين ۾ ڏنل ٽن جوابن مان صحيح جواب جي چونڊ ڪري لکو.

۱۱ موهن جو دڙو علي بابا جو لکيل ______ آهي. (ناول، ڊرامو، افسانو)

۱۲ رڳون ٿيون رباب ____ جو شعري مجموعو آهي. (تنوير عباسي، نور عباسي، الطاف عباسي)

۱۳ ڊاڪٽر غلام علي الانا ____ جو ماهر آهي. (لسانيات، سياسيات، اقتصاديات)

۱۴ سچل سرمست جو اصل نالو ____ هو. (عبدالجبار، عبدالوهاب، عبدالستار)

۱۵ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو پهريون سر ____ آهي. (مارئي، ڪاموڏ، ڪلياڻ)

۱۶ سانگهڙ ____ ناول آهي. (سماجي، جاسوسي، تاريخي)

۱۷ سفيد وحشي ____ جي افسانن جو مجموعو آهي. (شيخ راز، شيخ اياز، اياز قادري)

۱۸ خليفو گل ____ جو شاعر هو. (بيت، قصيدو، غزل)

۱۹ موجوده سنڌي صورتخطي سن ____ع ۾ اجزي راس ٿي. (۱۲۵۳، ۱۸۵۳، ۱۹۳۷)

۲۰ مقالات الحڪمت ____ جو مجموعو آهي. (مضمونن، غزلن، افسانن)

****